# شوڪت سنڌ

## سنڌ جي تاريخ جو هڪ اڻ وسرندڙ باب

پروفيسر اعجاز قريشي

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

منچر پبليڪيشن دادو، سنڌ

## ٻہ اکر

# اچو تہ حقيقتن جا پيرا کڻون!

اسين جنهن سماج ۾ رهون ٿا، اتي ڪامياب ماڻهوءَ بابت تصور گهڻي حد تائين محدود آهي، عمومي طرح ان ماڻهوءَ کي ڪامياب سمجهيو ويجي ٿو، جيڪو صبح سان گهران، ڪنهن نوڪريءَ يا پورهيي لاءِ نڪري، ان ڪانپوءِ گهر اچي پنهنجن ٻارن سان گڏ وقت گذاري، روزاني اجري يا ماهوار پگهار مان پنهنجن ٻارن جو پيٽ پالي ۽ انهن کي زندگيءَ جي گذر سفر جو سامان ميسر ڪري ڏئي، پنهنجن ٻارن کي پنهنجي وس ۽ آمدنيءَ آهر پڙهائي لکائي وڏو ڪري، انهن جون شاديون ڪرائي. اهو ڪامياب هئڻ جو تصور ڪنهن حد تائين مناسب تہ آهي، پر اصل ڪامياب زندگيءَ جو تصور اڃا ٻي شيءِ آهي

باڪردار يا ڀلي ماڻهوءَ لاءِ بہ تصور ٺهيل آهي. اهو ماڻهو جيڪو سماج کي ان جي ريتن رسمن سميت، جيئن جو تيئن، قبول ڪري ۽ انهن جي پوئواري ڪندو رهي، تہ اهو سڀ کان ڀلو ماڻهو ليکيو ويجي ٿو.

پر جڏهن بہ ڪو ماڻهو ان سماجي سٽاءَ جي "اسٽيٽسڪو" کي ٽوڙڻ لاءِ ڪاٻہ وک کڻندو آهي ۽ روايتن ۽ رسمن کي مڃڻ کان انڪار ڪندو آهي، تہ ان لاءِ راءِ ڪا سٺي ناهي جڙندي، ان جي تبديلي پسند طبيعت ۽ نواڻ مائل مزاج کي تنقيد جو نشانو بڻايو ويندو آهي. وڏيءَ حد تائين ان کي

سماجي ويڳاڻپ (Alienation) جو شڪار بڻايو ويندو آهي. اهڙي صورتحال هر زمين تي، هر زماني ۾ رهندي پئي آئي آهي. اهو ٽڪراءُ هلندو رهيو آهي، هر ڪنهن سماج ۾ اهڙا ماڻهو پيدا ٿيندا رهندا آهن، جيڪي گهر ٻار پالڻ ۽ ٻارن جون شاديون ڪرائڻ کي ئي زندگي نہ سمجهندا آهن، پر پنهنجي گهر کان ٻاهر ماحولُ بهتر بنائڻ لاءِ جاکوڙ ڪندا آهن. وقت ۽ حالتن پٽاندر تبديلي ۽ تغير جا آرزومند هوندا آهن. اهي ماڻهو عام ۽ معمولي زندگي گذارڻ کان ڪا غير معمولي سرگرمي ڪرڻ لاءِ پاڻ کي سدائين تيار رکندا آهن، اهي ئي ماڻهو آهن، جيڪي هر پل ايندڙ تبديليءَ جي رفتار کي اڃا بہ تيز ڪندا آهن. زمين جا نقشا بدلائيندا آهن ۽ زمانن کي پنهنجي مرضيءَ جي ڏگ تي آڻي سگهندا آهن. اهڙن ئي خصلتن پرين، جاکوڙي، اجتماع لاءِ جيئندڙ ماڻهن جي دم سان هيءَ دنيا ۽ ان جي سونهن ۽ سوڀيا برقرار آهي. ذات لاءِ جيئڻ ۾ بہ ڪا خرابي ناهي، پر جيئڻ کي حقيقي معنا اتان نٿي ملي. ائين بہ چيو ويندو آهي تہ سماج جو بنيادي ايڪو يعني ڪوبہ گهراڻو، ڪو ماڻهو يا ڪي ماڻهو گڏجي هلائين، تہ ڪنهن کي بہ هوند ڪنهن جي گهرج پوي ئي ڪانہ. پر ڪنهن بہ سماج ۾ اها آئيڊيل صورتحال ملڻ ڏاڍي ڏکي هوندي آهي، جو هر ڪٽنب ڪنهن ٻئي سهاري ڪانسواءِ جئي ۽ جالي ۽ پاڻ پالي. اسان جي سنڌ بہ ٽين دنيا جي سماجن مان هڪ سماج آهي، جتي هڪ گهراڻي کان وٺي پوري سماج تائين، ڪي ڪيترائي مسئلا درپيش آهن. اهڙي حالت ۾ سماجي سٽاءَ ۾ ڪوبہ ماڻهو جيڪڏهن پاڻ لاءِ جيئي ٿو، تہ ان کي خود مطلبي، خود پرستي ۽ خود غرضي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ چئبو. اسان وٽ غربت، ننڍڪائپ ۽ لاوارثي عام آهي. طبقاتي نظام جي

موجودگيءَ سبب اوچ نيچ جو سرشتو موجود آهي. سنڌ کي جيڪي قدرتي نعمتون، عنايتون ۽ وسيلا مليل آهن، انهن تي اسان جي سماج جي هڪ مراعات يافتا اقليت قابض آهي. ان ڪانسواءِ نہ فقط سماجي سطح تي. پر سياسي سطح تي بہ سنڌ کي ڪيترائي ڳنڀير مسئلا سامهون آهن. ان سينواريل، هڪ هنڌ بيٺل سماجي صورتحال ۽ سياسي حقن ۽ وسيلن جي پائماليءَ جي نتيجي ۾ سنڌي ماڻهو غريبيءَ ۽ مفلسيءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهن. مٿان وري ڪين اهڙا سبق پڙهايا ويا آهن، جو اهي انهن ڏکين ۽ عذاب ڀرين حالتن کي مقدر جو لکيو سمجهي هٿَ هٿَ تي ڌري ويهي رهندا آهن ۽ ڪنهن بہ تبديليءَ جي خواهش ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ، ان بابت پلجي بہ سوچيندا نہ آهن.

پر، ڪي ڪي ماڻهو ڪليل اک ۽ روشن دماغ جا صاحب هوندا آهن، اهي بڪڙيل حالتن کي پنهنجي حق ۾ ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪندا آهن ۽ هڪ نئون سماج پيدا ڪرڻ جي لاءِ حالتن سان ٽڪراءَ ۾ ايندا آهن، اصل ۾، ڪامياب ماڻهو اهي ئي هوندا آهن. اهي "جيءُ خوش تہ جهان خوش" جهڙن پهاڪن ۾ يقين نہ رکندا آهن، پر جهان جي سُک، خوشي ۽ خير کي پنهنجي جيءَ جو قرار ۽ ڪلياڻ سمجهندا آهن. انهن جي نظر ۾، اهي ماڻهو نادان ۽ مورک هوندا آهن، جيڪي فقط پنهنجي لاءِ جيئندا آهن ۽ اهو بيان وڏي فخر سان، ڳاٽ اوچو ڪري، ڪندا آهن، تہ اسين ڪنهن جا محتاج نہ آهيون، زندگي ڏاڍي آرام سان پئي ڪٽجي.

هن ڪتابڙي ۾ بہ هڪ اهڙي ئي ماڻهوءَ بابت مضمون ڏنو ويو آهي، جنهن پنهنجي زندگي، پنهنجي ديس واسين جي سک ۽ انهن خلاف

ٿيندڙ سازشن سان وڙهندي گذاري. ان ماڻهوءَ جو نالو شوڪت سنڌي آهي، ان جنهن دور ۾ هن جهان ۾ اکيون کوليون، ان وقت سڄيءَ دنيا ۾ ٻي مهاڀاري ويڙهه جاري هئي ۽ هتي سنڌ مٿان انگريز قابض هئا. هو جڏهن ڪتاب ڪڇي اسڪول وڃڻ جيترو ٿيو، ته ناگاساڪيءَ ۽ هيروشيما تي ائٽم بم ڪيرايا ويا جڏهن سرت ڀريو ٿيو ته ان وقت تائين ننڍي کنڊ مان نه فقط انگريز ٽپڙ ويڙهي وڃي چڪا هئا ۽ گڏيل هندستان جو ورهاڱو ٿي چڪو هو، پر نئين وجود ۾ آيل رياست پاڪستان، جنهن ۾ سنڌ پڻ هڪ سياسي وحدت طور شريڪ ٿي هئي، تي ون يونٽ لاڳو ٿي چڪو هو.

ون يونٽ جي لاڳو ٿيڻ پويان اصل سبب ٻه قومي نظريو هو، جنهن هيٺ پنجاب، سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ خيرپور ۽ بهاولپور رياستن سان گڏ مسلمان اڪثريت واري بنگال کي گڏي، گڏيل پاڪستان ٺاهيو ويو، پر جلدئي اوڀر ۽ اولهه پاڪستان جي وچ تي سياسي اختيارن، مالياتي ورڇ ۽ حڪومتي عهدن تان اختلاف شروع ٿي ويا. اهو تضاد اصل ۾ ان وقت جي حڪمران جماعت مسلم ليگ جي اڳواڻن جي وچ تي موجود هو. اولهه پاڪستان ۾ پنجاب صوبي سان تعلق رکندڙ طاقتور ڌڙا، ملڪ تي پنهنجو حق وڌيڪ جتائي رهيا هئا. انهن وڏ ۾ وڏ حڪومت ۽ اختيارن رکڻ جي خواهش ڪئي پئي، پر ٻئي پاسي مسلم ليگ جي ان مخصوص اقتدار پرست ڌڙي جي راهه ۾ بنگالي اڳواڻ رڪاوٽ بڻيل هئا. ان وقت گڏيل پاڪستان ۾ اوڀر پاڪستان ملڪ جو وڏي ۾ وڏو صوبو هو، جنهن جي آبادي ملڪ جي پوري آباديءَ جو 51 سيڪڙو هئي، جنهن جي بنياد تي انهن وڌيڪ حق ۽ اختيار پئي گهريا.

پر هيڏانهن اولهہ پاڪستان جو مسلم ليگي ڌڙو ڪنهن بہ طور اوپر پاڪستان کي وڏيڪ حق ۽ اختيار ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو. ان لاءِ مڙني صوبن کي ملائي هڪ صوبو يعني ”ون يونٽ“ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ون يونٽ آڪٽوبر 1955ع ۾ عمل ۾ آندو ويو. وڏي ڏک جي ڳالهہ تہ هيءَ آهي تہ سنڌ مان بہ ون يونٽ جي حق ۾ اڪثريت سان ٺهراءُ منظور ڪيو ويو. 11 ڊسمبر 1954ع ۾ سنڌ اسيمبلي حيدرآباد جي درٻار هال ۾ اهو ٺهراءُ پاس ڪيو. ان ٺهراءَ جي حق ۾ 98 ميمبرن، جڏهن تہ مخالفت ۾ فقط چئن ماڻهن ووٽ ڏنا.

ون يونٽ لاڳو ٿيڻ ڪان پوءِ اولهہ پاڪستان جي سڀني صوبن جي صوبائي حيثيت ڪئي ويئي، ان خلاف پوري ملڪ ۾ احتجاج ڪيو ويو ۽ اولهہ پاڪستان جي صوبن مان خاص طرح سنڌ ۽ بلوچستان جي ساجاهہ وند ڌرين ان ڏاڍ جي فيصلي کي نہ مڃيندي، مزاحمت ڪرڻ شروع ڪئي. اهڙي نموني هڪ تاريخ ساز سياسي تحريڪ جنم ورتو. ان نموني اولهہ پاڪستان جي اقتداري ڌرين کي هڪ ئي وقت ٻن محاذن تي ويڙهہ وڙهڻي ئي پيئي. هڪ پاسي اوڀر پاڪستان هو، جتي شيخ مجيب الرحمان جي اڳواڻي ۾ عوامي ليگ ٺهي چڪي هئي، جنهن پنهنجو ڇهہ نڪاتي پروگرام پيش ڪيو هو. انهن ۾ لاهور ٺهراءُ موجب پارلياماني دستور قائم ڪرڻ، وفاقي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ نمائندگيءَ جو تناسب ٻوليءَ جي بنياد تي مقرر ڪرڻ، وفاق کي فقط دفاع ۽ پرڏيهي معاملن تائين محدود رکڻ، اوپر ۽ اولهہ پاڪستان ۾ ڌار ڌار ڪرنسيءَ جو سرشتو قائم ڪرڻ، محصول جو حق صوبن کي هئڻ، ناڻي جي مٽاسٽا

جي حساب لاءِ الڳ الڳ ڪاتن جو قيام وغيره جهڙا مطالبا شامل هئا. جڏهن تہ ٻئي پاسي صوبن، خاص طرح سنڌ اهو مطالبو پئي ڪيو، تہ ون يونٽ جو ڪوٽ ڪيرائي، صوبن جي اڳوڻي تاريخي ۽ حقيقي حيثيت بحال ڪئي وڃي. انهن ٻنهي محاذن تي ملڪ جي طاقتور حلقن کي مقابلو ڪرڻو ٿي پيو. ڏينهون ڏينهن وڌندڙ احتجاجن ۽ بحرانن سبب جنرل ايوب خان ۽ سندس ٽيم ٿڪجي پئي، حالتون تڏهن اجا بہ هٿان نڪرندي نظر آيون، جڏهن 1965ع ۾ پاڪستان ڀارت جي وچ تي جنگ لڳي، ۽ ان ڪان پوءِ جنرل ايوب خان جڏهن تاشقند معاهدو ڪري آيو، تہ ان خلاف سندس حمايتين مان احتجاج جو آواز اڀريو ۽ ذوالفقار ڀٽي سان گڏ ٻيا ڪيترائي حڪومت ۾ ويٺل ماڻهو پنهنجن عهدن تان استعيفائون ڏيئي ڌار ٿي ويا ۽ انهن تاشقند ٺاهہ کي ملڪ جي توهين قرار ڏيئي ڇڏيو. ان ڪان جنرل ايوب لاءِ ٻيو ڪوبہ چارو نہ رهيو، نيٺ هن اقتدار جنرل يحيٰ خان حوالي ڪيو، جنهن جولاءِ 1970ع ۾ ون يونٽ ٽوڙڻ جو فيصلو ٻڌائي، ملڪ ۾ عام چونڊن جو اعلان ڪيو.

ان دؤر ۾ ٻين ڪيترن ئي سنڌ جي گهٽگهرن ۽ ساڃاهہ وندن سان گڏجي شوڪت سنڌيءَ بہ پنهنجو متحرڪ ڪردار ادا ڪيو. هونءَ تہ ٿلهي ليکي ون يونٽ مخالف تحريڪ جا جيڪي بہ مهندار ڄاتا سڃاتا وڃن ٿا، انهن ۾ شوڪت سنڌيءَ جو نالو بہ اهم جاءِ والاري ٿو. جيئن تہ سنڌ ۾ ون يونٽ مخالف تحريڪ پنهنجي پاڙ ۾ تمام پڪيڙ پئي رکي، ان ڪري اڄ بہ ان ضرورت کي محسوس ڪيو وڃي ٿو، تہ سنڌ جي ان انتهائي اهم دؤر تي تحقيق ٿيڻ کپي ۽ حقيقتن کي انهن جي اصليت سان سامهون آندو وڃي. اها گهرج ان ڪري

محسوس ڪئي وڃي ٿي، جو اڄوڪي ٿهيءَ کي جن ون يونٽ جي "هيروز" کان متعارف ڪرايو ويو آهي، انهن جي هاٺوڪن پرڪارن کي سامهون رکندي، اهو يقين ٿي نٿو اچي، تہ انهن کو ون يونٽ واري زماني ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هوندو. ان دؤر جي جڏهن جامع اسٽڊي ٿيندي، تہ اسان کي شوڪت سنڌيءَ جهڙا ٻيا بہ انيڪ اهم ڪردار هٿ ايندا. جن نہ فقط ون يونٽ خلاف آواز اٿاريو، جيل ڪاٽيا، پر رياستي ڏاڍ ۽ جبر جي نشاني تي آيا. هن ڇوڻ جو مطلب هيءُ ناهي، تہ اسان کي جن ون يونٽ جي، سنڌ سان تعلق رکندڙ "هيروز" کان متعارف ڪرايو ويو آهي، اهي سڀ جو سڀ ڪي وِيلَ آهن، پر ان پريل نار ۾ ڪي "تري پيڳيون ڪنگريون" ضرور آهن، جن کي واڪو ڪرڻ لاءِ ون يونٽ واري دؤر تي سنجيده قسم جو تحقيقاتي ڪم ٿيڻ کپي.

ان ڪانسواءِ هڪ وضاحت هيءَ بہ ڪبي، تہ اڄ ڏينهن تائين اسان کي اهو باور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، تہ ون يونٽ - وفاق ۽ سنڌ جي وچ تي ٽڪراءُ يا تضاد هو. ان ۾ ڪابہ حقيقت ناهي. اصل جنگ اوپر ۽ اولهہ پاڪستان جي وچ تي هئي. جتي پوري ملڪي نظام، مالياتي ورڇ، حڪومتي عهدن جي ورهاست ۽ صوبن ۽ وفاق جي دائره اختيار تي ڇڪتاڻ جاري هئي. سنڌ وارن جو مطالبو گهٽي پاڳي ون يونٽ ٽوڙي صوبن جي اصلي شناخت ۽ حيثيت بحال ڪرڻ تي ٻڌل آهي. جيڪو هن ون يونٽ واري حقيقي جهيڙي جو ننڍڙو حصو هو. بهرحال ائين ضرور آهي تہ ون يونٽ مخالف تحريڪ ۾ سنڌ جي ساجهوندن پنهنجو انتهائي ڀرپور ڪردار ادا ڪيو، اتان ئي سنڌ کي نوان سياسي بنياد فراهم ٿيا.

محترم اعجاز قريشي، پنهجي ويجهي دوست شوڪت سنڌيءَ بابت هيءُ مضمون لکي، پنهنجي دوستيءَ جي قرض جي ادائگيءَ جو فرض ادا ڪرڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي آهي، ته ساڳئي وقت سنڌ جي سٺ ۽ سنڌ واري ڏهاڪي جي هڪ سرگرم سياسي ڪارڪن جو تعارف سنڌ وارن سان ڪرائي پنهنجي قومي ذميواري جي ڪوشش آهي. هيءُ مضمون اڄ جي نئين نسل جي ان حلقي لاءِ دلچسپيءَ جو سبب ضرور بڻجندو، جيڪو سنڌ جي سياست ۾ پنهجو ڪردار ادا ڪرڻ گهري ٿو ۽ سنڌ جي جائز حقن لاءِ سياسي ميدان ۾ نمايان ڪم ڪرڻ چاهي ٿو.

علي آڪاش

ايف 12، عبدالله سينٽر، قاسم آباد،

حيدرآباد.

پهرين نومبر 2005ع

# شوڪت سنڌي

## سنڌ جي تاريخ جو هڪ اڻ وسرندڙ باب

سنڌ جي سرزمين هر دؤر ۾ ڪئين املهه ماڻڪ پيدا ڪيا آهن. سنڌ جو قومي ڪارڪن شوڪت سنڌي اهڙن املهه مان هڪ هو.

شوڪت سنڌي دادو ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ، اميناڻين ۾ 41 - 1940ع جي لڳ ڀڳ ڄائو. سندس وڏا اصل دادو ضلعي جي هڪ مشهور ننڍي شهر بوبڪ جي پرسان ڳوٺ اڪٽڙ جا هئا. جيڪي بعد ۾ لڏي اچي دادو شهر جي پرسان اميناڻين ۾ رهيا. سندس ڄمر جي وقت ۾ سنڌ اڃا انگريزن جي قبضي ۾ هئي. سنڌ جي حقن جي تحريڪ هلي رهي هئي، جي. ايم. سيد، محمد ابراهيم جويو، حيدر بخش جتوئي، سوڀو گيانچنداڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، قاضي فيض محمد ۽ ٻيا ڪيترائي هندو ۽ مسلمان سماج سڌارڪ، سياستدان توڙي دانشور سنڌ جي ڀلائيءَ جي حوالي سان ڪافي ڪم ڪري رهيا هئا. ساڳئي وقت سنڌي ٻوليءَ لاءِ به ڪافي ڪم ٿي چڪو هو. هڪ طرف سنڌي ادب لاءِ اڪيڊمي جوڙڻ جي ڪوشش ٿي رهي هئي ته ٻئي طرف سنڌي صورتخطيءَ لاءِ به ڪم ٿي چڪو هو. انگريزيءَ توڙي ٻين ٻولين مان ڪافي ڪتاب سنڌيءَ

۾ ترجمو ٿي چڪا هئا. هن دؤر ۾ ئي سنڌ جا استاد سنڌ جي تاريخ تي سنئو ڪم ڪري رهيا هئا.

سنڌ ۾ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جو بنياد پئجي چڪو هو جنهن جي طرفان هڪ جنرل جنهن جو نالو "جرنل آف سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي" هو پڻ جاري ڪيو ويو. جتان سنڌ جي تاريخ، ٻولي، ادب، ثقافت، سياست، اقتصاديات ۽ سماجيات تي ڪيترائي بهترين ڪتاب ڇپجي چڪا هئا. هي اهوئي وقت هو جڏهن تازو سنڌ بمبئي کان علحدگي اختيار ڪئي هئي ۽ 1940ع وارو پاڪستان جو نهراءُ پاس ٿي چڪو هو. (جيڪو بدقسمتيءَ سان اجا تائين عمل ۾ نه اچي سگهيو آهي.)

هي اهي ئي تاريخي حقيقتون آهن، جن شوڪت سنڌيءَ جي ذهن کي جنجهوڙيو ۽ هن کي مخالف ڪيو. هو ادبي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ لڳو ۽ هلندي هلندي ائين ئي قومي جدوجهد جي ڌارا ۾ شامل ٿي ويو.

شوڪت جيئن ته قريشي خاندان جي هڪ غريب گهراڻي ۾ پيدا ٿيو، انهيءَ ڪري هڪ غريب هئڻ جي ناتي عام ماڻهن سان سڌي سنئين رابطي ۾ رهيو ۽ هو انهيءَ ڪري ننڍي هوندي کان ئي غريبن لاءِ درد رکندڙ ۽ حساس طبيعت جو مالڪ بڻيو، مٿان وري ملڪ ۾ سياسي، اقتصادي ۽ جاگرافيائي بحران هو، تنهن به سندس طبيعت تي نهايت ئي گهرو اثر ڇڏيو.

سندس نوجوانيءَ واري عرصي ۾ ون يونٽ جو ڪهري ڪوٽ جڙيو، جنهن پڻ شوڪت جي ذهن تي ڪافي اثر ڇڏيو ۽ ان جي

مخالفت ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيائين. ان وقت آءٌ شوڪت ڪان ڪافي ننڍو هيس، ون يونٽ جي خلاف تحريڪ سنڌ ۾ تمام گهڻي مقبول ٿي چڪي هئي ۽ پنهنجي عروج تي هئي. مون کي ياد آهي ته دادوءَ ۾ ان سلسلي ۾ ڪيترائي ميڙ ۽ جلسا ٿيندا هئا.

پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ ۽ هيءُ پهريون زمانو هو، جڏهن صوبن ۾ احساس محرومي پيدا ٿيو، جڏهن کين محسوس ٿيو، ته سياسي طرح انهن کي حقن کي نه فقط قبول نه ڪيو پيو وڃي، پر ان سان گڏ صوبن جون صديون پراڻيون سڃاڻپون به ختم ڪيون پيون وڃن، ون يونٽ وسيلي اولهه پاڪستان کي اوڀر پاڪستان جي سياسي ۽ عوام سگهه جي برابر ڪرڻ لاءِ سيني صوبن کي ملائي هڪ ڪيو ويو، ته جيئن بنگالين جي سياسي، اقتصادي ۽ آئيني حقن سان مقابلو ڪري سگهجي. جيئن ته پاڪستان مختلف قومن تي ٻڌل ملڪ هو، ۽ ان ۾ شامل ٿيندڙ اڪائين کي اها خاطري ڪرائي ويئي هئي، ته انهن کي مڪمل طرح صوبائي خودمختياري حاصل هوندي ۽ اهي پنهنجو حڪومتي نظام پاڻ هلائي سگهنديون. پر ون يونٽ جي نفاذ انهن مڙني واعدي خلافين کي نروار ڪيو ۽ ملڪ سنڀاليندڙ قوتن جي نيتين کي به چٽو ڪري بيهاريو، ته اهي اصل ۾ ڇا چاهين ٿا. ان دور ۾ صوبن ۾ اهو احساس باقاعدي اڀريو، ته مٿن قبضو ڪيو ويو آهي، ان احساس کين ون يونٽ کان بغاوت ڪرڻ تي مجبور ڪيو. ايوب شاهيءَ جي ان زماني ۾ سياسي ميدان تي ڪابه منظم جدوجهد يا تحريڪ هلائڻ ناندن

تي پير رکڻ برابر هو ۽ سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز بہ حالتن جي ان شدت کي محسوس ڪندي لکيو هوتہ:

سنڌڙي تنهنجو نانءُ وتو

ڪاريهر تي پير پيو.

پر سنڌ جي ساجهوندن ۽ گهڻگهرن ون يونٽ خلاف احتجاج جو عَلَمُ بلند ڪيو ۽ ان کي مضبوطيءَ سان پنهنجن هٿن ۾ قابو رکيو.

منهنجو والد صاحب محترم علي احمد قريشي جيڪو هن وقت سنڌ جي سينئر وڪيلن مان هڪ آهي، دادوءَ ۾ وڪالت ڪندو هو ۽ ون يونٽ خلاف تمام گهڻو سرگرم هو. پاڻ مرحوم حيدر بخش جتوئيءَ سان هاري تحريڪ جو دادوءَ ۾ مهندار هو.

دادو شهر ۾ محترم سائين جي. ايم. سيد، مرحوم حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز، شيخ عبدالمجيد سنڌي، مرحوم قاضي فيض محمد، مرحوم ڪامريڊ غلام محمد لغاري ۽ ٻيا ڪيترائي بزرگ اڳواڻ ۽ نوجوان ساٿي هاري حقن ۽ ون يونٽ بابت ٿيندڙ جلسن ۾ شريڪ ٿيندا هئا.

آئون ۽ شوڪت انهن جلسن ۾ تمام سرگرميءَ سان حصو وٺندا هئاسين.

شوڪت سنڌي ۽ ٻين دوستن گڏجي دادوءَ ۾ اداره سماجي بهبود جو بنياد وڌو. جنهن جي ذريعي دادو شهر جي سماجي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ واري جذبي تحت سيني دوستن گڏجي ڪم ڪيو. ساڳئي وقت اداري سماجي بهبود طرفان هڪ بهترين لائبريري قائم ڪئي وئي. جنهن ۾ دادوءَ جا ننڍا وڏا، پڙهيل لکيل، استاد، دانشور ۽ سماج

سڌارڪ اچي ڳڌ ٿيندا هئا ۽ مطالعي جا دؤر ٿيندا هئا. انهيءَ حوالي سان هينيان نالا ذهن تي تري اچن ٿا.

محترم علي احمد قريشي (وڪيل)، محترم تاج محمد صحرائي (هيڊ ماستر طالب المولىٰ هائي اسڪول)، محترم شمشاد احمد جوڻيجو (وڪيل)، محترم سائين شفيع محمد سولنگي، محترم صدر الدين جوڻيجو (وڪيل)، مرحوم شفيع محمد آخوند (وڪيل)، مرحوم ابوبڪر مگسي (وڪيل)، مرحوم استاد الهه رکيو سهتو، مرحوم لعل صديقي، مرحوم استاد بخاري، مرحوم خير محمد انڙ، مرحوم حافظ محمد احسن چنا، مرحوم علي محمد سهتو، مرحوم مولا بخش پنهور، مرحوم حسين بخش پنهور، استاد محمد علي دائودپوٽو "عيان"، جناب ولي محمد شاهه، جناب آصف مصراڻي، جناب عبدالله پنهور، جناب برڪت الله قريشي، جناب صلاح الدين پنهور، استاد علي نواز ۽ مرحوم شوڪت سنڌي، ننڍن سائين ۾ عبدالله مگسي ۽ ڏڻي بخش عباسي ياد اچن ٿا.

آءٌ پڻ انهيءَ اداري ۾ هڪ ادنيٰ حيثيت ۾ مطالعي لاءِ ويندو هوس.

هيءُ اهوئي دؤر هو جڏهن شوڪت سنڌي پنهنجي والد سان گڏ پنهنجي ذريعه معاش لاءِ دادوءَ جي نئين چوڪ تي منائيءَ جو دڪان کوليو. هن کان اڳ ۾ سندس ڏاڏي کي دادوءَ جي پراڻي چوڪ وٽ واڻ جو دڪان هوندو هو. شوڪت سنڌي آخري گهڙي تائين پنهنجو منائيءَ جو دڪان هلائيندو رهيو. انهيءَ دؤر ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو بنياد وڌو ويو، شوڪت سنڌي سيڪريٽري چونڊيو ويو ۽ اسان ڪافي دوست

ان جا ميمبر ٿياسون. سنڌ جي حقن جي ويڙهه جي حوالي سان دادو ضلعي کي هونئن تہ گهڻي اهميت حاصل آهي، ويتر شوڪت جهڙن ماڻهن اهڙا ادارا ناهي، فعال ڪردار ادا ڪري، دادو ضلعي جي عوام ۾ ذهني جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي.

سنڌي ادبي سنگت جا ميڙ ڪٺي بہ هجن، شوڪت پنهنجي ٽيم سان گڏ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ پهچي ويندو هو. انهيءَ دؤر ۾ سنڌ ۾ "روح رهاڻ" رسالي جو اهم ڪردار رهيو آهي. شوڪت سنڌي جيڪو حميد سنڌيءَ جو تمام گهرو دوست هو، هر سال روح رهاڻ جي جشن ۾ اچي شامل ٿيندو هو. اهڙي نموني سان 4 مارچ تحريڪ ۽ سنڌيءَ ۾ وون جي لسٽن واري تحريڪ ۾ پڻ شوڪت سرگرم رهيو.

1968ع ۾ شوڪت سنڌي دادو ميونسپل ڪاميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ دادو شهر لاءِ ڪافي نمايان ڪم ڪرايائين.

ڀٽي صاحب 1968ع ۾ ايوب خان کي ڇڏي پنهنجي پيپلز پارٽيءَ جو بنياد وڌو، ڏسندي ڏسندي 1968ع ڌاري پيپلز پارٽي ملڪ جي هڪ وڏي سياسي پارٽي بڻجي وئي. سڄي سنڌ جا سڄاڻ ماڻهو ڀٽي صاحب سان پيپلز پارٽي جي جدوجهد ۾ شامل ٿيا. شوڪت سنڌي پڻ هن کي غريبن جو همدرد ڄاڻندي پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو.

1969ع ۾ دادوءَ ۾ پيپلز پارٽيءَ جو تمام وڏو جلسو ٿيو. جنهن کي مرحوم ذوالفقار علي ڀٽي خطاب ڪيو ۽ پ پ پ دادوءَ جو بنياد وڌو. اهو دادوءَ جي تاريخي ميڙن مان هڪ هو. جنهن ۾ هزارين ماڻهو شامل ٿيا. هن جلسي جو سمورو انتظام، شوڪت سنڌيءَ تمام ٿوري وقت ۾ ڪيو. ان

جلسي جي صدارت علي احمد قريشي وڪيل ڪئي. جلد ئي شوڪت سنڌي تحريڪ ۾ سرگرم ٿيڻ ڪري جيل ويو ۽ 6 مهينن جي قيد ڪاٽڻ کانپوءِ آزاد ٿيو ته دادوءَ شهر ۾ سندس مثالي استقبال ۽ آجيان ٿي.

ان کانپوءِ ايندڙ ڪيترن سالن تائين شوڪت سنڌي هر سال جيل جون ياترائون ڪندو رهيو پر هو پنهنجي اصول ۽ حقن بابت پنهنجي موقف تان نه هٽيو:

ڪنڌا مون پيرن ۾، توڙي لڪ لڳن
آگر آڱوٺي نه موڙي، چيچون پير چنن
ويندي ڏانهن پرين، جتي جات نه پائيان.

شوڪت سنڌي 1960ع جي ڍاڪي کان وٺي مسلسل محترم جي. ايم. سيد سان مرڻ گهڙيءَ تائين گڏ رهيو. پوءِ سيد جو جنم ڏينهن هجي، بزم صوفياءِ سنڌ جي ڪانفرنس هجي يا وري سنڌي شام هجي، شوڪت سيد سان گڏ هوندو هو. سيد جي فڪر کان ايترو ته متاثر هو، جو دادوءَ جي نئين چوڪ تي پنهنجي دڪان تي سيد جي فڪر جو پرچارڪ ٿي ڪم ڪندو هو. سندس اهو دڪان ڄڻ ته هڪ ننڍڙو شانتي نڪيتن هو، جنهن ۾ سنڌي نوجوان جي فڪر کي واڌارو ملندو هو ۽ سنڌ جي روشن مستقبل لاءِ ڄڻ ته پرهه باکون ڪڍندي هئي.

دادو شهر لاءِ هي دؤر تمام اهم ترين دؤر هو. سنڌ جا ڪجهه بهترين استاد جهڙوڪ استاد منا خان چنو ۽ استاد عنايت علي راڄو هتي بدلي ٿي آيا. هنن استادن جي ڄاڻ، علم ۽ فلسفي مان فيض پرائيندڙ دادو جي نوجوانن ۾ شوڪت سنڌي، احمد خان ملڪاڻي، غلام محمد

ملڪاڻي، عبدالله مڪسي، غلام علي سومرو، فاروق سولنگي، روشن سولنگي، پير مظهر الحق، راقم ۽ ٻيا انيڪ نوجوان شامل هئا.

شوڪت سنڌي هڪ تمام سچاڻ، بي لوث، همدرد، غريبن جو ساٿيءَ ۽ انسان دوست ماڻهو هو. ونس انسان جي حيثيت سان ڪوبہ مت ڀيد نہ هو. سياسي ۽ مذهبي اختلافن کي ڪڏهن ذاتي اختلافن تائين نہ ڪڙي ويو.

دادو شهر جا، سڀني پارٽين سان واسطو رکندڙ ساٿي ۽ دوست ونس وٽ ڪچهريون ڪندا هئا. پاڻ پيار ۽ محبت ونڊيندو هو. نفرت جو نالو ئي ونس نہ هو. ڪوبہ غريب ونس ڪنهن مدد لاءِ ايندو هو تہ شوڪت ان کي ٻي سيءَ ڪان وٺي ڪنهن بہ ننڍي آفيسر تائين ونـي وڃڻ ۽ سندس مدد ڪرڻ ڪان ڪين ڪيٻائيندو هو. روزانو ڪيترائي اهڙا ماڻهو ونس ايندا هئا ۽ پوءِ شوڪت ۽ سندس موٽر سائيڪل هوندا هئا.

انسان ذات جي خدمت شوڪت سنڌيءَ جي جيوت جو اهم ترين شيوو رهي. 1969ع جي ڳالهہ آهي، سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان وڏي تحريڪ هلي رهي هئي. اردو زبان کي زوريءَ مڙهڻ جون ڪوششون ٿي رهيون هيون. روڊن ۽ رستن تي نالا اردوءَ ۾ لکيا ويا هئا، جنهن ڪري اهي نالا غلط اچڻ لڳا. دادوءَ جي دوستن شوڪت سنڌيءَ جي اڳواڻي ۾ هڪ جٿو ٺاهي دادو ضلعي مان لنگهندڙ انڊس هاءِ وي تي سڀ لکيل بورڊ ڊاٺا ۽ اهي سنڌي ۾ لکيا ۽ وقت جي حڪومت کي خبردار ڪيو تہ سنڌي ٻوليءَ سان هٿ چراند بند ڪئي وڃي نہ تہ ان جا نتيجا ڏاڍا اگرا نڪرندا. ننڍيءَ سطح تي دادو جي دوستن جو اهو هڪ وڏو ڪارنامو هو ۽ ان موقعي ڪان پوءِ جلد ئي بورڊن تي اردوءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ بہ نالا لکيا ويا.

هن وقت بہ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڪيترائي مسئلا درپيش آهن، خاص طور تي سنڌي ماڻهن کي سياسي طرح اڪيلو ڪرڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ ۽ ان کي غيرموثر بنائڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. ان جو تازو مثال هيءُ آهي، تہ سنڌيءَ جو مضمون يارهين جماعت مان ختم ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن تعليم کاتي جاري ڪري ڇڏيو، جنهن خلاف سنڌ جي ساڃهوندن آواز اٿاريو ۽ ان جو نوٽيس سنڌ جي وڏي وزير ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم ورتو ۽ ان نوٽيفڪيشن کي غيرموثر قرار ڏنو. هاڻ لڳي ٿو، تہ اهو معاملو لڳ ڀڳ ختم ٿيڻ وارو آهي، پر تنهن هوندي بہ، جن عنصرن پاران اهو عمل ٿيو آهي يا جن جي خواهش تي اهڙو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو، اهي باقي آهن ۽ امڪان اهي آهن تہ جيئن ئي انهن کي موقعو ملندو تہ اهي پنهنجي ارادن کي ڪامياب ڪرڻ جي ڪوشش ضرور ڪندا. اهي اڄ بہ ان موقف جا آهن تہ ڪاليج سطح تي اردو شاگردن لاءِ سنڌي لازمي مضمون طور نہ رکيو وڃي، پر سنڌي شاگردن کي اردو مضمون ضرور پڙهايو وڃي، ڇاڪاڻ تہ اها قومي ٻولي آهي، صورتحال بلڪل چٽي آهي، تہ ان لساني ذهنيت رکندڙ مخصوص عنصرن جي من ۾ اها ڳالهہ آهي، تہ سنڌ جي تعليمي نظام ۾ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو محدود ڪيو وڃي ۽ خاص طور تي اردو ڳالهائيندڙ شاگردن کي ان جي اثرن کان آجو رکيو وڃي، جيڪا ڳالهہ ڪنهن بہ طور درست قرار نٿي ڏيئي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ ماضيءَ ۾ بہ سنڌي ٻولي تڪرار اڀريو هو، جنهن ۾ سنڌ جي ساڃهہ وندن ڀرپور ڪردار ادا ڪيو، جن مان شوڪت سنڌي بہ هو.

هن وقت به سنڌي ٻوليءَ جي محفوظ آئيندي لاءِ اهو ضروري ٿي پيو آهي، ته سنڌ وارا پنهنجيون اکيون کليل رکن ۽ اهو ڪردار ادا ڪن، جيڪو سٺ واري ڏهاڪي ۾ سنڌ جي اديبن، شاعرن، استادن ۽ ڏاهن ادا ڪيو هو. ان لاءِ اهو به ضروري آهي، ته اسين شوڪت سنڌي ۽ ان دور جي ٻين علم جي اڪابرن ۽ وقت ۽ حالتن جي نبض شناسن پاران ڪيل ڪوشش جو جائزو وٺون ۽ ان دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ لاءِ جيڪو به سياسي طريقيڪار ڪتب آندو ويو، ان جي نئين سري کان اڀياس ڪريون ۽ سنڌي ٻوليءَ خلاف ٿيندڙ ڪنهن به عمل لاءِ اڳواٽ پاڻ کي تيار رکون. ان سلسلي ۾ شوڪت سنڌيءَ جي زندگيءَ جا اڀياس به گهڻو لاڀائتو ثابت ٿي سگهي ٿو ۽ ان کي اسين هڪ مثال بڻائي سگهون ٿا، جيڪڏهن اسين شوڪت سنڌي ۽ ان جهڙن ٻين ڪردارن جي قالب ۾ پاڻ کي ڍالڻ جي ڪوشش ڪنداسون ته سنڌي ٻوليءَ جي بچاءُ ۽ ان کان پوءِ ان جي اوسر ۽ ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهون ٿا. اسان کي اها نه وسارڻ گهرجي ته:

قوم ٿي زنده رهي، پر جي زبان زنده رهي.

ان ئي دوَر ۾ شيخ مجيب الرحمان بنگال جو تمام وڏو ليڊر ٿي اڀريو ۽ پڻو صاحب اقتدار مان لٿل هو. ٻنهي اڳواڻن جي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي تمام وڏي اهميت هئي. سنڌ لاءِ اهو دوَر انتهائي بدترين هو. انهيءَ دوَر ۾ ون يونٽ خلاف تحريڪ زورن تي هئي. سنڌ جي مڙوئي رهبرن ۾ محترم جي. ايم. سيد، محترم حيدر بخش جتوئي، محترم شيخ عبدالمجيد سنڌي، محترم قاضي فيض محمد، محترم رسول بخش پليجو، محترم حفيظ قريشي، محترم علي احمد قريشي وڪيل، محترم سيد ڪوڙل شاهه،

مرحول محمد سومار ٽيپو ۽ محترم شوڪت سنڌي اچي وڃن ٿا، جن ون يونٽ خلاف تحريڪ ۾ حصو ورتو.

نوجوانن ۽ شاگردن ۾ احمد خان ملڪاڻي، صلاح الدين پنهور، عبدالحسين قريشي، منوهر لعل، مرحوم حميد راهي، شوڪت انصاري، غلام محمد ملڪاڻي، شفيع شيخ، منير چنو، مظهر الدين چارڻ، خان محمد پنهور، راقم ۽ ڪجهه ٻيا ساٿي شامل هئا. جيڪي گڏجي لاهور پهتا ۽ شيخ مجيب الرحمان سان ملاقات ڪري سنڌ جو موقف سندس اڳيان رکيو ۽ ڪيس سنڌ جي مسئلن ۽ خاص طور تي ون يونٽ خلاف ڪيترين حقيقتون پيش ڪيون.

6 - 5 مارچ 1969ع جي ڳالهه آهي جڏهن ايوب خان جي حڪومت لوڏن ۾ هئي، شيخ مجيب الرحمان سميت ٻين ڪيترن ئي سياستدانن کي گول ميز ڪانفرنس لاءِ سڏيو ويو هو، سنڌي رهنمائن ۽ شاگردن پنجاب جي سنجيده رهنمائن سان گڏجاڻيون ڪري سنڌي عوام جو مؤقف ڀرپور نموني سان رکيو.

5 تاريخ لاهور ايئرپورٽ تي جڏهن شيخ مجيب الرحمان کي پاڪستان جا سياسي رهنما وٺڻ لاءِ پهتا، لاهور جي روزانه امروز اخبار جي 7 مارچ واري پرچي ۾ انهيءَ سلسلي ۾ جيڪا خبر ڇپي، اها خبر هتي هوبهو اخبار جي ڪٽنگ جي صورت ۾ ڏجي ٿي.

ساڳئي نموني عبرت اخبار ۾ ڇپيل خبر ”شاگرد سياسي اڳواڻن سان مليا.“ به هتي ڏجي ٿي.

"دادو (ن ع) سنڌ جي شاگردن جي هڪ وفد لاهور ۾ سياسي اڳواڻ سان ملاقات ڪري کين سنڌي عوام جي انهي جذبات کان آگاهہ ڪيو تہ ون يونٽ فورن ٽوڙيو وڃي.

هنن شيخ مجيب جي آمد تي لاهور جي هوائي اڏي تي ون يونٽ خلاف مظاهرا پڻ ڪيا. دادوءَ جا نوجوان قاضي فيض محمد، علي احمد قريشي(وڪيل) شوڪت سنڌي، اعجاز قريشي، صلاح الدين پنهور، عبدالحئي قريشي، منوهر لال اڳواڻي ڪري رهيا هئا. هن مظاهري ۾ حفيظ قريشي، مجيد سومار، حميد راهي، سيد ڪوڙل شاهہ پڻ شامل هئا. وفد لاهور ۾ شيخ مجيب الرحمان سان شاليمار باغ ۾ ڳالهايو. جنهن يقين ڏياريو تہ ون يونٽ ڪي ٽوڙڻ کان سواءِ ٻي ڪابہ ڳالهہ قبول نہ ڪئي ويندي، وفد لاهور ۾ ٻين اڳواڻن سان پڻ مليو. وفد جمهوري مجلس عمل جي سربراهہ نوابزاده نصرالله کي پڻ صاف ٻڌايو تہ سنڌ وارا ون يونٽ ٽوڙڻ کانسواءِ ٻيو ڪوبہ فيصلو قبول نہ ڪندا. وفد سنڌ جي واقعن تي لاهور جي اخبارن جي رويي تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ ٻڌايو ويو تہ لاهور جي اخبارن پاڙي جي واقعي تي خوامخواهہ غلط فهميون پيدا ڪيون آهن." (امروز لاهور)

ساڳئي طرح جڏهن سنڌ ۾ اهي شاگرد شيخ مجيب سان مليا ۽ سنڌ بابت شيخ مجيب الرحمان کين جيڪا خاطري ڏياري ۽ اهو چيو تہ گهٻرايو نہ ون يونٽ ٽٽندو ۽ اوهان کي پنهنجي سنڌ واپس ملندي، ان سلسلي ۾ جيڪي خبرون مختلف اخبارن ۾ ڇپيون آهن اهي پڻ جيئن جو تيئن هن مضمون ۾ پيش ڪجن ٿيون.

"گهرايو نہ اوهان کي پنهنجي سنڌ واپس ملندي، سنڌي شاگردن کي مجيب جي خاطري." (عبرت)

سکر (ا پ پ) پاڪستان عوامي ليگ جي اڳواڻ شيخ مجيب الرحمان، هن هفتي لاهور ۾ سنڌي شاگردن جي هڪ وفد کي يقين ڏياريو تہ "گهرايو نہ، اوهان پنهنجي سنڌ ضرور واپس وٺندا. اهڙو انڪشاف ڪالهہ هتي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي نائب صدر مسٽر اعجاز قريشي ڪيو. جيڪو دادوءَ جي شاگردن جي 20 ڄڻن جي هڪ وفد جي قيادت ۾ لاهور ويو هو ۽ مختلف سياسي ليڊرن سان ملاقات ڪئي. هنن شاگردن ون يونٽ کي ٽوڙڻ لاءِ سنڌ جي ماڻهن جي مطالبي کان کين واقف ڪيو.

لاهور جي هن سڄي احوال ۾ سنڌ جي هنن ماڻهن جو سنڌ جي حوالي سان ڪردار خاص طور تي شوڪت سنڌيءَ جو ڪردار ايري اڳيان اچي ٿو. ان تحريڪ ڪانپوءِ جلدئي 25 ڊسمبر 1969ع تي يحييٰ خان جي لفظن جي آواز ۾ ون يونٽ جي ٽٽڻ جو اعلان ٿئي ٿو پر سنڌ جا مسئلا جيئن جو تيئن موجود رهن ٿا.

آءٌ 1970ع جي آخري مهيني ۾ چند سالن لاءِ پڙهائي جي سلسلي ۾ لنڊن هليو ويس ۽ اتان ايم. اي. جي ڊگري حاصل ڪيم. 1974ع جي آخر ۾ آءٌ واپس آيس. منهنجي گهر ڀاتين کانسواءِ سڀ کان اول منهنجي ملاقات شوڪت سان ٿي. هونئن بہ لنڊن واري دور ۾ شوڪت ۽ منهنجي لک پڙهہ ٿيندي رهي هئي. ٻن ڇئن ڏينهن کان پوءِ شوڪت مون کي چيو تہ هل تہ توکي دادوءَ جي ڊي. سي. سان ملايان. مون چيو تہ يار ڊي سي سان ڪو ملبو آهي يا ڪچهري ڪبي آهي، هو تہ بيوروڪريٽ آهن، تہ پاڻ

چيائين تہ هن وقت دادوءَ ۾ جيڪو ڊي. سي. آهي، اهو آهي محترم محمد هاشم ميمڻ ۽ هو هڪ سچو ماڻهو آهي، شهرين جو بي حد هڏ ڏوکي، ايماندار ۽ هڪ سٺو انسان آهي ۽ پنهنجي صاحب جي دور جو نڪتل آفيسر پڻ. پوءِ ڪيترن جي زور ڀرڻ تي وجي هاشم صاحب سان ملاقات ڪئي سين. واقعي هو هڪ تمام بهترين انسان لڳو. سندس سوچ سنڌ لاءِ ۽ سنڌ جي ماڻهن لاءِ رهنمائي ۽ سچائيءَ تي مبني هئي. ان دور کان وٺي محمد هاشم ميمڻ مرحوم صاحب سان بہ گهرا لاڳاپا رهيا. هو پنهنجي دور ۾ جتي بہ ڊي. سي رهيو اتي شاگردن کي اسڪالرشپون، ضلعن جي هيڊ ڪوارٽرن ۽ تعلقہ اسپتالن، اسڪولن کي پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪري ڏنو. خاص ڪري سندس خدمت ٿرپارڪر ضلعي ۾ گهڻي هئي، جتي هن هڪ شاندار پبلڪ اسڪول بہ جوڙايو. ڳالهين مان ڳالهيون نڪتيون تہ هاشم صاحب جو ڪجهہ ذڪر بہ نڪري آيو. شوڪت سنڌي پنهنجي دور جو هڪ تمام بهترين ليکڪ بہ هو، سندس ڪجهہ ليک موجود آهن جيڪي ڪنهن بہ وقت منظر عام تي آڻڻ جي ڪوشش ڪبي. شوڪت پنهنجي دور ۾ ڪيترن ئي اخبارن جو نمائندو ۽ هڪ بيباڪ ۽ نڊر صحافي پڻ رهيو. خاص طور تي تہ شروع واري هڪ زبري اخبار نواءِ سنڌ جو، جيڪا حيدرآباد مان نڪرندي هئي ۽ سندس ايڊيٽر سنڌ جو هڪ بيباڪ صحافي محترم مرحوم عبدالغفور سيتائي هو.

بهرحال شوڪت سنڌي پنهنجي مضبوط ارادي، بهترين مطالعي سان گڏ ڪيترائي دفعا جيل ڪاٽڻ جي باوجود دادوءَ ۾ سنڌ جي نوجوانن کي علم، ادب، سياست، فلسفي جي تعليم ڏانهن راغب ڪيو

۽ اهڙي قسم جا ڪئين نندا نندا ميڙ ڪوٺايا، جن ۾ نوجوانن جي ذهني اوسر تي ۽ کين پنهنجي مسئلن کي سمجهه آئي ۽ هن سندن اکين ۾ سنڌي سماج جي ترقي لاءِ روشني وڌي ۽ هو آخري گهڙين تائين پنهنجي دڪان تي انهيءَ ڪم ۾ مشغول، قائم ۽ دائم رهيو. تاريخ 30 مارچ 1996ع جمعي جي ڏينهن شام جو ستين وڳي ڌاري گهنٽي وڳي، ٻاهر نڪتس ته شوڪت سنڌي ۽ ٻه ٽي ٻيا دوست جن ۾ ذوالفقار شيخ، قربان پرڳڙي، ارشاد پنهور ۽ ٻيا بينا هئا. ڪمري ۾ اچي ويناسون ۽ پوءِ ڪچهرين جو دؤر شروع ٿيو. پراڻيون يادون، تحريڪ جا حال احوال ۽ انيڪ چرچا پوڳ ٿيا، ان ڪانسواءِ سنڌ جي تازي صورتحال ۽ خاص ڪري سنڌي صحافت بابت وڏو بحث ٿيو.

ڳالهيون ڪندي ٻڌايائين ته ٻن ٽن ڏينهن کان دل ۾ ڪجهه تڪليف ٿي هئي ۽ ڪجهه بهتر ٿيڻ تي دادوءَ مان هتي دل جو ECG ڪڍائڻ آيو آهيان. ٻن ڏينهن کانپوءِ ECG جي رزلٽ ملندي، پر ڊاڪٽر چوي ٿو ته ECG بهتر ايندي، ڇاڪاڻ جو طبيعت ڪافي بهتر آهي. رات جو پوڻي ڏهين تائين وينا رهياسون. مون کين صبح جو سوير ناشتي تي اچڻ جو زور ڀريو پر پاڻ ٻئي هفتي اچي ملڻ لاءِ ۽ بدين هلي گهمڻ لاءِ واعدو ڪري موڪلائي اٿيو. مون کيس آرام ڪرڻ لاءِ چيو، چيائين ته يار آرام ڪرڻ وارو معاملو پاڻ کان ڳرو آهي. باقي جيڪا سنگت جي مرضي پر مون موت کي مات ڏيئي ڇڏي آهي ۽ پوءِ هيءُ شعر پڙهيائين:

اسان وقت کي اعلان ٻڌائي ڇڏيو آهي
۽ پڻ موت کي پچائي ڇڏيو آهي.

منهنجي گهر کان ٿوروئي اڳيان قاسم آباد ۾ هڪ دوست جي خالي فليٽ ۾ چارئي ڄڻا وڃي رهيا. رات جو ٻين اڍائي وڳي ڪيس دل ۾ سخت تڪليف محسوس ٿي. دوستن، جن ۾ هڪ ڊاڪٽر پڻ هو، ڪيس هڪدم دوائون ڏنيون ۽ جلد ئي ڪيس ديوان مشتاق وارڊ لاءِ ڪٺي روانا ٿيا، پر حياتيءَ ساٿس وفا نه ڪئي ۽ رستي تي ئي دم ڏنائين. بهرحال ديوان مشتاق تائين شوڪت سنڌيءَ جو لاش پهتو، جتي سندس موت جي تصديق ٿي. 3 وڳي رات جو مون کي دوستن اطلاع ڏنو. پنجين وڳي صبح جو شوڪت سنڌيءَ جو مڙھ دادوءَ روانو ٿيو.

دادو شهر ڄڻ ته اٿلي پيو، سڀ دوست اوڇنگارون ڏئي روئي رهيا هئا. ڪيس شام جو پنجين وڳي دادوءَ جي قبرستان لعل هنديءَ ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. هن پنيان هڪ بيواھ ۽ ڇھ نياڻيون ڇڏيون آهن.

بقول دادو جي هڪ دوست پير مظهر جي ته شوڪت هڪ بهترين انسان جي حيثيت سان هميشه ياد رهندو.

شوڪت سنڌيءَ جي مٺائيءَ جو دڪان دادو شهر جي نپيئر چوڪ تي اڄ به قائم ۽ دائم آهي. جتي هر وقت يارن ۽ دوستن جا ميڙاڪا رهندا هئا، سي اڄ موجود نه آهن. دادو جا سندس وڏي عمر جا به دل وارا جهونا دوست استاد محمد صالح "آزاد" درزي ۽ ميان قائم الدين پنهور عريض نويس، اوڇنگارون ڏيئي لڙڪ لاڙي رهيا هئا ته جاني دوست موڪلائي ويو ۽ پاڻ هاڻي ڪٿي ويهي دل جون ڪچهريون ڪنداسين:

اڄ نــــ اوطــــاقن ۾، طـــالب تنواريـــــن،
آديسي اٿـي ويـا، مڙهيـون مـون مـارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

# ليکڪ بابت

پروفيسر اعجاز قريشي سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو اديب، جاکوڙي، سماج سڌارڪ ۽ ثابت قدم سياسي ڪارڪن رهيو آهي. هن سنڌ جي ادب، تاريخ، ٻولي ۽ فلاح بهبود توڙي ترقيءَ واري ميدانن ۾ اهم ڪم ڪيو آهي. هن هڪ پروفيسر طور 28 سال سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اقتصاديات جو مضمون پڙهايو آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڊائريڪٽر سنڌ ڊولپمينٽ اسٽڊيز ۽ ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف بزنس اسٽڊيز رهيو آهي. ان کانسواءِ نيشنل رورل سپورٽ پروگرام ۽ سنڌ رورل سپورٽ پروگرام جو جنرل مئنيجر پڻ رهي چڪو آهي. پروفيسر قريشي جي ڪم جي حصي ۾ لڳ ڀڳ ويهارو کن ڪتاب آهن. جيڪي ادب، سياست، تاريخ ۽ ٻوليءَ کان وٺي سماجي ترقيءَ تائين پنهنجي پاڻ ۾ موضوعن جي وسعت رکن ٿا. ان کانسواءِ سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ گذريل ٽن ڏهاڪن کان سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن تي مضمون لکندو رهيو آهي. هن پنهنجي ڪيريئر ۾ ملڪ ۽ ملڪ کان ٻاهر دنيا جا دورا ڪيا آهن. جن ۾ ڪيترين ئي ڪانفرنسون ۽ سيمينار شامل آهن ۽ هن مختلف موضوعن تي ڪيترائي ليڪچر پڻ ڏنا آهن. هن وقت پروفيسر قريشي سنڌ ۾ آبپاشي نظام جي سڌارن تي ڪم ڪري رهيو آهي.


Address: 88, Muslim Society Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Phone: + 92 - 222 - 653139
Cell: + 92 - 222 - (0) 300 - 3040737
Email: qureshiaijaz@yahoo.com

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪانُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)